# عشق جي آرسي

(شاعري)

## وفا گولو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد


ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

1



عشق جي آرسي: وفا گولو



# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”عشق جي آرسي“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **وفا گولو صاحب** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي ساجد سنڌي لکي ٿو:

”وفا گولو جون ڪوتائون ڪنهن اپسرا جي انگڙاين ۾ گم ٿيل نگاهن جي عجيب ڪيفيتن جو داستان به ٻڌائين ٿيون ته محبتي موهه تي ڦهليل طلسمي تبسم جي سحر ۾ به جڪڙي ڇڏين ٿيون. هو جتي زميني خدائن خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهي ته اتي مرڪن ۾ محبتن جو ٻج ڇٽي چوطرف سرنهن جي ڦولار جهڙي مهڪ واسڻ جو خواهان آهي، وفا جي شاعريءَ ۾ سڪ، سونهن، اوسيئڙي ۽ آس جا اولڙا هر پني تي پاڻ پسائي اسان کي جڻ ته اسان جي احساسن جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. “

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون وفا گولي جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com





**ڪتاب نمبر 96**

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب جو نالو: عشق جي آرسي
موضوع: شاعري
شاعر: وفا گولو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2017ع
ڪمپوزنگ: دانش ڪمپوزرس، حيدرآباد
ٽائيٽل: رضوان گل
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

مُلھ: 250/_

**ISHQ JI AARSI**
**(Poetry)**
**Poet By: Wafa Golo**
**Sambara Publication Hyderabad**
**03003513966**

# ارپنا

جيجل سنڌ
۽
امڙ سڪينہ
جي نانءُ

**عشق جي آرسي جو ٿـي اوچتو،**
**بي چسي ٿـي وئي زندگي اوچتو.**





## سِٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| • اداري پاران | ساجد سنڌي | 07 |
| • حقيقتن ۽ محبتن جو شاعر | جعفر جاني | 08 |
| • شاعري روح جو عڪس آهي | وفا گولو | 11 |

1. غزل 14
2. وايون 65
3. نظم 91
4. نثري نظم 113
5. پنجڪڙا 137

# اداري پاران

شعوري ۽ لا شعوري طور لفظن مالها جا موتي پنن تي پلٽجڻ جي پنيان هڪ ڪويءَ جا احساس هر حساس من جي تارن کي ڇهڻ جي ڀرپور قوت رکن ٿا ۽ وفا گولو جي ڪوتائن جو جوڙيل غنچو پڻ ساڳي محبتي مهڪ سان سرشار ٿي وجوديت ۾ واسجڻ لاءِ اتاولو رهي ٿو. وفا جا موتي ڪوتا- مُنڊيءَ ۾ چمڪندڙ ستارن جيان جرڪي پاڻ طرف متوجهه ڪرڻ لاءِ اتساهي رهيا آهن، اندر جي ڪائنات جا رنگ ڪاغذي ڪئنواس تي چٽي وفا گولو جي روح جي لرزش داخلي ۽ خارجي ڪيفيتين جي صورت ۾ اسان آڏو شفاف آئيني جيان پاڻ پسائڻ لاءِ منتظر آهي. وفا جي حساسيت جي ان ڌنڌلي آرسيءَ جي اولڙن ۾ گم ٿيڻ بعد شاعريءَ جي متوالن کي يقينن اهڙي مڌ جو ذائقو ضرور ملندو، جنهن لاءِ خماريل نيڻن جي تلاش بن بن ڀٽڪڻ لاءِ هر وقت سوز ۽ ساز سان همه گوش ٿي ماڳ رسائي لاءِ بيتابي جي باهه ۾ پچندي ۽ رسندي رهي ٿي.

وفا گولو جون ڪوتائون ڪنهن اپسرا جي انگڙاين ۾ گم ٿيل نگاهن جي عجيب ڪيفيتن جو داستان به ٻڌائين ٿيون ته محبتي موهه تي ڦهليل طلسمي تبسم جي سحر ۾ به جڪڙي ڇڏين ٿيون. هو جتي زميني خدائن خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهي ته اتي مرڪن ۽ محبتن جو ٻج ڇٽي چوطرف سرنهن جي ڦولار جهڙي مهڪ واسڻ جو خواهان آهي، وفا جي شاعريءَ ۾ سک، سونهن، اوسيئڙي ۽ آس جا اولڙا هر پني تي پاڻ پسائي اسان کي جڻ ته اسان جي احساسن جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. سمبارا جي رقص جهڙي وفا جي ڪوتا پرلطف ڪيفيتن جي پرت ۽ پچار سان سرشار آهي، جيڪا اميد ته پڙهندڙن جي اميدن تي پوري لهندي،

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**

4





# حقيقتن ۽ محبتن جو شاعر

وفا پنهنجي شاعريءَ جو مسودو ڏيندي مُرڪندي چيو ته هن تي لک، ڪتاب ٿو ڇپرايان. پر تنقيد ضرور ڪجانءِ، اهو ڄاڻيندي به ته آئون ساڻس محبت ڪندو آهيان، ۽ محبت تنقيد کان متاهين هوندي آهي، محبوب جا عيب به عام جي ثوابن کان وڌيڪ مقدس لڳندا آهن، هونئن به حقيقتن جي پگهريل پيهريءَ ۾ شاعريءَ جي گهاٽي ڇانوَ ماڻهوءَ کي فطرت پاران مليل سندر سوکڙي هوندي آهي. پر اها شاعري جيڪڏهن محبوب دوست جي هجي ته پوءِ ڪير بدذوق ان کي تنقيد جي نگاهه سان پڙهي سگهندو، مون وفا جي شاعري هميشه پيار سان پڙهي آهي ۽ وفا آهي ئي پيار جو شاعر.

ڪيترا رنگ مون تي چٽيندي وئي
هن ڏني جو هئي هڪ چمي اوچتو

وفا جي شاعريءَ جو مطالعو ڪبو ته وفا جي شاعريءَ جي انيڪ رنگن مان به رنگ حقيقت ۽ محبت گهاٽا نظر ايندا. حقيقت ته وحشتن جو منظر آهي، مسيحن جو مصلوب ٿيڻ آهي، خودڪش حملن جي تباهه ڪاريءَ ۾ مقتولن جي رهجي ويل حسرتن جي بي وسي آهي، وفا چواڻي:

اجتماعي روح ٿو ڇيپاٽجي
جي شهر کي گهاءُ تازو ٿو لڳي.

حقيقت ته بوند بوند بڻجي ٽميل لڙڪن جي رمجهمي موسم آهي. سماج جي بي حسي ۽ ڪوڪلائپ آهي. پڙپانگ ذهنن پاران فرد تي ٿاڦيل قانون، نيئم ۽ تعذيرون آهي.

اسان جي ئي نصيبن ۾،
رهي ٿي دار جي خوشبو
يا
روح جو احساس ٿو ڇيپاٽجي
جڻ سڄو آڪاس ٿو ڇيپاٽجي.

جڏهن ته محبت ڌڙڪندڙ دلين جي درسني آهي، مخمور جوانين جي ساهن جي مشڪبو سرگوشي آهي، مرڪن جي چانداڻ

آهي، انڌلڪ جا رنگ ۽ اميدن جون پناهہ گاهون آهي.

روح پنهنجو روشني جو آ غزل
ٿي چوي مرڪي اکين جي خاموشي.

---

هوءَ ملي پاڪرين، آس پوري نہ ٿي
روح ٿو هي چوي، روح ۾ ئي رچون.

وفا جتي تاسارين تمنائن جي خودڪشين جا ڏيک پيش ڪري ٿو، اتي محبتن جي ململ سيج تي روايتن کان باغي سوچن جي سرشارين جا عڪس پڻ چٽي ٿو، جتي تتل صحرا جي رُڃ ۾ پٽون پيرن ۽ تشنہ چپن جا ڪرب عڪس بند ڪري ٿو، اتي اميدن جي امرت جل سان ڀرپور ٿڌن چشمن ۽ آڪاش تي مسڪرائيندڙ سليٽي بادلن جون تصويرون پڻ پسائي ٿو.

**حقيقت جي تلخي:**

ڊرتي آزارن ۾
ڪهڙي عيد ڪجي
دهشت قليل آ
شهر بازارن ۾
ڪهڙي عيد ڪجي

**محبت جي ملائمت:**

اکين ۾ رنگ ٿي اوتي
نهاري چاهہ مان مون ڏي
ستل احساس ٿا جاڳن
اکين جي ميچ سان جڏهين
چپن جا جام ٿي آڇي
ائين محسوس ٿئي ٿو چڻ
بدن ۾ روح ٿي ڦوڪي.

مون وفا جي شاعريءَ جي رنگن مان سندس شاعريءَ ۾ پسجندڙ پن گهاٽن رنگن جا مثال پيش ڪيا آهن. پر وفا جي شاعريءَ کي فقط پن رنگن تائين محدود چوڻ منهنجو مقصد هرگز ناهي. وفا جي شاعري رڳو





خارجي ڪربلائن ۽ محبت جو مجذوبيت تائين محدود نہ آهي. وفا جي شاعريءَ جون انيڪ رنگينيون ۽ ڪهڪشائون آهن، جيڪي هر پڙهندڙ کي سندس ئي ذوق آهر پنهنجو جلوو ۽ تجلو پسائينديون. مون وفا جي شاعري پڙهندي محسوس ڪيو آهي تہ وفا شاعريءَ جو اهڙو عاشق آهي، جنهن داخلي ۽ خارجي پيڙائون پوڳيون آهن ۽ هن کي شاعريءَ جي پُرنور پيشانيءَ ۾ سڪون جو اڀرندڙ سج نظر آيو، ۽ هن ارپن ڪري ڇڏي پنهنجي پوري حياتي شاعريءَ کي.

رات پر درد ۾ پيڙجان ٿو پيو
مون مٿان ٿي لهي شاعري اوچتو.

**جعفر جاني**
15 سيپٽمبر 2017ع

# شاعري روح جو عڪس آهي

جيڪڏهن مون کان ڪو بہ اهو پڇي تہ شاعري ڇا آهي؟ آءٌ ڪنهن وڏي ٿڌي ساهہ ڀرڻ بجاءِ يا ڪنهن گهري سوچ ۾ پوڻ جي بجاءِ ان کي اهوئي جواب ۾ چوندس تہ شاعري اُداس روحن جي دانهن آهي، شاعري اڪيلائي ۾ ماڻهو جي لاءِ محبوبا آهي، شاعري هڪ وڏي پناهہ گاهہ آهي، انهن روحن لاءِ جيڪي ازل کان اڪيلائيءَ جي جهولي ۾ رهيا آهن، يا تہ وري شاعري.

پيار آهي
محبت آهي
عشق آهي
جنون آهي.

شاعري انسانيت جي درجي تي پهچڻ جو هڪ اهڙو پيچرو آهي جنهن تي هلندي ماڻهو اصل انسانيت جي روپ کي سڃاڻي ان ۾ پاڻ کي امر ڪري ڇڏي ٿو.

حقيقت ۾ شاعري روح جو عڪس آهي جنهن ۾ پيار، پيڙائون، اڪيلائي ڪرب ۽ درد اهڙي طرح تہ ڇهتيل هوندا آهن جنهن مان اگر ڪنهن هڪ کي بہ جيڪڏهن زوريءَ ڇڪي رهڙي شاعري جي وجود کان الڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ شاعري جو روح رتورت ٿي پوندو ۽ شاعري هڪ دانهن بڻجي اُداس روحن کي فنا ڪري ڇڏيندي.

مون شاعري سان بي پناهہ محبت ڪئي آهي منهنجو سارو وجود جيڪڏهن دنيا جي اکين آڏو آهي تہ اهو منهنجي شاعري جي ڪري ئي آهي. منهنجو هڪ نثري نظم آهي تہ:

شاعري
روح جو
عڪس آهي
جيڪو
شاعرن جي





اکين جي
گهرائي ۾
هر ڪنهن کي
نظر ناهي ايندو.

شاعري جا انيڪ روپ آهن. اها هر ڪنهن فرد کي پنهنجي ڀاڪر ۾ نہ ٿي ڀري شاعريءَ جي حسين ديوي دنيا ۾ انهن ماڻهن کي پنهنجو ڪري ٿي جيڪي فطرتي طور تي دنيا ۾ عاشق ٿي پنهنجي هڪ الڳ دنيا ٺاهي جيئڻ جا پنهنجا نرالا انداز رکندا آهن، هو دنيا جي مصنوعي بادشاهي کي ترڪ ڪري پنهنجي دنيا جا بادشاهہ بڻجي پنهنجي دنيا ۾ مگن رهندا آهن. جنهن ڪري ئي دنيا جا گهٽ عقل وارا ماڻهو کين چريو چئي ۽ الڳ الڳ لقب ڏيئي ٽوڪيندا رهندا آهن پر انهن جي اهڙي ڪم عقلي تي شاعرن ڪڏهن بہ ڪا توجهہ ناهي ڏني ڇو تہ هو پنهنجي دنيا ۾ مست الست رهي اهڙن گهٽ عقل وارن جي ڳالهين تي غور سان ڪڏهن بہ ڌيان ناهن ڌريندا.

عشق جي راهہ ۾، ٿا اڪيلا رُلون،
ڌرتتي آ رڳو، پير آهن لڦون.

عشق دنيا جو اهو طلسم آهي، جيڪو دنيا ۾ اڪيلو ڪري عاشق کي روحاني طور هجومن ۾ وٺي وڃي ٿو اهو عشق ئي آهي جنهن مون کي شاعري جي پنڌ تي آڻي رُلايو آهي ۽ شاعريءَ سان ملايو آهي جيڪا هاڻي منهنجي وجود جو اٽُوٽ حصو بڻجي ويئي آهي جنهن کان جدائي جو سوچڻ جڻ منهنجي وجود جو فنا ٿي وڃڻ ئي آهي. اها شاعري ئي آهي جيڪا منهنجي روح کي آڪسيجن ڏيندي رهي ٿي جنهن ڏينهن آڪسيجن رُڪجي ويندي، ان ڏينهن منهنجو وجود بہ فنا ٿي ويندو. فنائيت ئي عشق سان ملائڻ جو اصل رستو آهي جنهن جو هن دنيا ۾ هر عاشق هر وقت منتظر رهي ٿو.

مون شاعري جو هي مجموعو ڇپرائڻ لاءِ ڪڏهن بہ سنجيده ٿي نہ سوچيو هو، ڇو تہ شاعر ٿيڻ جو مقام مرتبو مون پاري ڪاهل کان تمام گهڻو مٿانهون آهي.

شاعري سان مون پيار ڪيو آهي جيڪو اظهار مون هن ڪتاب

“عشق جي آرسي” ۾ ڪيو آهي. جيڪو اوهان آڏو آهي. مون اڳ ۾ به ڳالهه ڪئي ته مون اهو ڪڏهن به ڪين سوچيو هو ته مان شاعري لکي هڪ ڪتاب آڻيندس مون کي شاعري سان عشق هجڻ ڪري شعر لکڻ جو ننڍپڻ کان شرف حاصل رهيو آهي، ۽ لکندو رهندو آهيان، جنهن کي منهنجي پياري دوست اويس پٽو هڪ ڪتابي صورت ۾ ممڪن ڪرڻ لاءِ هر وقت همٿائي منهنجي شاعري کي “عشق جي آرسي” جي ڪتابي فريم ۾ بند ڪري اوهان پڙهندڙ آڏو آندو آهي. جنهن تي مون کان وڌ خوشي منهنجي انهيءَ دل گھُرئي دوست کي ٿي آهي، جنهن کي چڻ ته اها اُڻ تُڻ رهندي هئي ته “يار وفا سُستي ڇڏ، پنهنجو ڪتاب جلد ڇپراءِ.”

اهڙيون الائي جي، ڪيتريون ميارون جتي ملندو، اها ڳالهه ڪندو ته يار ڪتاب ڪڏهن ٿو آڻين؟ منهنجو روايتي جواب ته هن جنم ۾ ضرور آڻيندس، جنهن تي اويس جي ڪاوڙ ته ڏسڻ وٽان هوندي هئي اويس تي اگر مان ٿورو سوچيان ٿو ته هو منهنجي هن ڪتاب “عشق جي آرسي” جو اولڙو ٿو محسوس ٿئي.

شاعري جي هن پوري مجموعي جي ڪاميابي تي سوچڻ بجاءِ مون بس اهو سوچيو آهي ته اوهان پڙهندڙ جيڪي شاعري جا عاشق آهيو، اهي هن منهنجي پهرين شعري مجموعي “عشق جي آرسي” کي ڪيتري قدر پنهنجي پيار سان دل جي لائبريري ۾ سجائڻ سان گڏوگڏ شاعري کي پنهنجي دل ۾ ڪيتري جڳهه ڏيو ٿا، منهنجي شاعري تي اوهان جي راءِ منهنجي لاءِ سنڌ ۽ ساهه وانگي هوندي.

**وفا گولو ـ ٿُل**

10 ڊسمبر 2017ع

03337158536

**ڳوٺ ڪريم بخش گولو**

**تعلقو ٿل، ضلعو جيڪب آباد**

7

# غزل





عشق جي آرسي جو ٽٽي اوچتو،
بي چسي ٿي وئي زندگي اوچتو.

هِن چيو هُن چيو، عشق هو ٿي ويو،
روح ۾ ٿي وئي، روشني اوچتو.

ڪيترا رنگ مون تي ڇٽيندي وئي،
هن ڏني جو هئي هڪ ڇمي اوچتو.

جا اکين ۾ رهي هر پهر هر گهڙي،
ٿي وئي سا جُدا ڇوڪري اوچتو.

رات پر درد ۾ پيڙجان ٿو پيو،
مون مٿان ٿي لهي شاعري اوچتو.

◈

روح جون رنگينيون رهجي ويون،
دل ٽٽي جو سڀ خوشيون رهجي ويون.

تو چنو جي ساٿ منهنجو او مٺي،
دلبريون ۽ عاشقيون رهجي ويون.

سنڌ جهولي ۾ ڳپيو مهيا ٿيو،
ڪيتريون هون خودڪشيون رهجي ويون.

هُنَ ڏنيون ٿي اڱڻيون دل سوچيو،
ڪجھ ڳڻن تان ڪي چميون رهجي ويون.

جسد خاڪي سرد ٿيا ها پوءِ پي،
دار تي ڪي سرڪشيون رهجي ويون.

اپسرائن جي بدن جو سج لٿو،
پر اڪين ۾ روشنيون رهجي ويون.

◈





تو مٺي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان،
عاشقي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

دوست ٿا هاڻي مفادن لئہ ملن،
دوستي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

مفلسي هي مون ڪي ڪٿ آئي وٺي،
زندگي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

رات مون ڪي پاڻ ڏي ٿي ڇڪي،
روشني ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

گهنج منهن ۾، وار چاندي ٿي ويا،
آرسي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

مان اڪيلو درد ڪيڏا ٿا ملن،
هر خوشي ڪان دور ٿيندو ٿو وڃان.

◈

روز برسات ٿي، ڏات مون تي لٿي،
ها ڪڏهن ڪونہ آ، مات مون تي لٿي.

ڪيترا رنگ ٿو ارپيان گيت ۾،
آ سچي ڄڻ تہ بارات مون تي لٿي.

خواب سارا ٽٽا، جاڳ نيڻن ڇمي،
عشق جي آ جڏهن، تات مون تي لٿي.

تون جو وڇڙي وئي آن جڏهن ڪان مٺي،
ڄڻ تہ ڳوڙهن جي برسات مون تي لٿي.

رات گهنگهور ۾ روح تڙپيو جڏهن،
شاعري چنڊ جان رات مون تي لٿي.

عشق ۾ سچ ڪي جو ڇُهڻ جي ڪئي،
ڄڻ "وفا" دارِ سوغات مون تي لٿي.

◈





پاڻ سمجهون ٿا بدن جي خاموشي،
ڪو تہ سمجهي هي ڇپن جي خاموشي.

سونهن منهنجي ساهہ منهنجو سي پنڇي،
ڳولهي ٿي سي چمن جي خاموشي.

ٿي ويا جذبات هن سرد سارا،
ٿي وئي خاموش رڳن جي خاموشي.

روح پنهنجو روشني جو آ غزل،
ٿي چوي مرڪي اکين جي خاموشي.

ٿي رکي پڙلاءُ ڪيڏو ڪو سُٺي جي،
انقلابي ير وطن جي خاموشي.

تون مٺي ناهين اُداس گهر آهي،
پئي روئي تولئہ صحن جي خاموشي.

◈

سج لهي ٿو رات نري ٿي،
من ۾ ويتر تات وڌي ٿي.

هير گهُلي آ تون ٻ وري آ،
دل هي پئي توکي سڏي ٿي.

صبح جي سانت ۾ ڪوئل پئي،
ڪيڏي منڙي لات لنوي ٿي.

تون جو ناهين ويجهو جانان،
تنهائي هي ساٿ ڏئي ٿي.

هُن چوڙيا هن وار شايد،
تڏهن جهڙالي موسم ٿئي ٿي.

عشق ۾ صدما سور هزارين،
دل ”وفا“ جي پئي سهي ٿي.

◈





آءُ توري سڪي،
اُداس ڇام شورو آ.

سرد راتيون زرد شامون،
نراس ڇام شورو آ.

چنچل چُنري پهريل ناري،
لباس ڇام شورو آ.

تون رُنل آهين جانان،
اُماس ڇام شورو آ.

پير پرين جا ٻڌائين ٿا،
حساس ڇام شورو آ.

سونهن جي قيد ڦاسائي ٿو،
ٿياس ڇام شورو آ.

دلين جا ميلا ”وفا“ ٿين،
وشواس ڇام شورو آ.

◈

عشق جي راھ ۾، ٿا اڪيلا رُلون،
ڏرتتي آ رڳو، پير آھن لڦون.

مون پرين جي، اکين جي عبادت ڪئي،
ھو نہ ڄاڻي سگھي، پر اکيون ھون سچون.

ياڳ ۾ جاڳ ئي آ، اسان کي ملي،
ننڊ ناھي پرين، خواب ڪھڙا ڏسون.

عاشقي ڪان اڃا، ڪونہ ٿي دل مُڙي،
عشق آڙاھہ آوي، پيا ٿا پچون.

ھو ملي ڀاڪرين، آس پوري نہ ٿي،
روح ٿو ھي چوي، روح ۾ ئي رچون.

چنڊ ٿو گھاوَ ڏي، چاندني سان اچا،
ھا ستارا ڪٽي، شاعري ٿا اُٽون.

◈





گلابي بدن تي، ادا ڪا رھي ٿي،
اسان جي چپن تي، صدا ڪا رھي ٿي.

اوھان زلف پنھنجا، ڪليل ئي رھڻ ڏيو،
اسان جي مٿان ڇڻ، گھٽا ڪا رھي ٿي.

اکين تان چمي ڏي، گلابي آ موسم،
چپن تي چمين جي، ڪٿا ڪا رھي ٿي.

ڪڏھن باڪ مرڪي، ڏنو ڪونہ مون ڏي،
رڳو پاڻ وٽ ير، سنجھا ڪا رھي ٿي.

وڃي ٿي ھٿن مان، پئي دل اسان جي،
اڇي دل اندر جو، جفا ڪا رھي ٿي.

وري تون نگاھون، ڪٽي ٿي نھارين،
وري دل چپن تي، خطا ڪا رھي ٿي.

اڇو سپ اڇو ديس، سڏي ٿو اسان کي،
وطن ۾ اچا يي، "وفا" ڪا رھي ٿي.

◈

شهر سارو اُداس توبن،
هر آس نراس توبن.

چوڏهين جي رات پوءِ بہ،
منهنجي من ۾ اماس توبن.

هن عمر ۾ هزارين سوچون،
ڳڻتين ڳاريو ماس توبن.

تون جو ناهين او سانوري،
ڪير ڪندو قياس توبن.

ماڻهو چون ٿا ميرا اٿئي ڪپڙا،
ڪيئن مٽايان لباس توبن.

گيت، غزل، وايون ۽ "وفا"،
ٽنگيل آهن ٽياس توبن.

◈





جو نظر کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي،
سو اندر کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي.

تو سوا کهڙا، پرين ڏينهن راتيون،
هر پهر کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي.

ٿو ڏسان جي، پيٽ بکيو ٻار ڪو،
دل جگر کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي.

اجتماعي روح ٿو چيپاٽجي،
جي شهر کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي.

ٿو لکان مان درد واري شاعري،
عاشقي کي، گهاءُ تازو ٿو لڳي.

◈

ديد هڪڙي، ٻڪي دل سان،
مون بہ چمي، رکي دل سان.

نيڻ جرڪي، پون پنهنجا،
چاهِہ اهڙو، سڪي دل سان.

ذائقو جنت جهڙو هو،
ڪٽڪ جسمن، چکي دل سان.

درد جي آڳ، اهڙي هئي،
روح ساڙي، ٻکي دل سان.

ٿي پراڻي، وئي دل جو،
پوءِ نفرت، ڪکي دل سان.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

سونهن صداقت، وارا ماڻهو،
سنڌو ديس جا، پيارا ماڻهو.

ماکي کان وڌ، مٺڙا پيي،
پرکي مکڻ، چاٽا ماڻهو.

ٿر ۾ پاڻي، ڪاڻ سڪن ٿا،
ٿر جا هي، موچارا ماڻهو.

محبت جن جي، من ۾ آهي،
سي آهن، دل وارا ماڻهو.

ڏوهہ ڏسي، اکين سان پوءِ پيي،
چو چپ رهن ٿا، سارا ماڻهو.

جن ماڻي محبت جي منزل،
سي هِن سڀ، سگهارا ماڻهو.

ملندا آهن، قسمت سان هي،
“وفا” کي، تو پارا ماڻهو.

◈

روشني جا پير، ميرا ٿي ويا،
هر طرف آهن، انڌيرا ٿي ويا.

دلفريبي نيڻ، گهٽي ۾ ڏسي،
پاڪ اکڙين جا ته، پيرا ٿي ويا.

جاڳ آهي، جام آهي، تنهنڪري،
نيڻ ٻاڙها ڏس ته، جيرا ٿي ويا.

ڪانوَ ٿا ڏائڻ جيان ڦرندا رهن،
قيد هن معصوم، ڳيرا ٿي ويا.

درد جي آوي ۾، پچندي اي پرين،
راک سارا دل جا، ديرا ٿي ويا.

شاعري جي چنڊ، اُڀرڻ سان "وفا"،
سنڌ ۾ آهن، سويرا ٿي ويا.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

سڪي جي سار پياري ۾ رات گذري ٿي،
ڇڻ اسان جي بهاري ۾ رات گذري ٿي.

هن جي اڇڻ جو اُلڪو رهي ٿو اندر ۾،
ائين ئي بس انتظاري ۾ رات گذري ٿي.

من ڪي ڪو قرار ڪونهي توريءَ او سانوري،
بهار ۾ بہ بي قراري ۾ رات گذري ٿي.

اڪيلا جيئون ٿا مئڪشي سان مئڪدي ۾،
ائين ئي ير گهنگاري ۾ رات گذري ٿي.

ڪڏهن شاهہ جو رسالو ڪڏهن اياز پڑهندي،
"وفا" جي شاعري ۾ رات گذري ٿي.

◈

روح جو احساس ٿو ڇپياٿجي،
ڄڻ سچو آڪاس ٿو ڇپياٿجي.

ميڪدي ۾ مئه نه آهي شور آ،
شور ۾ آساس ٿو ڇپياٿجي.

دوستي ۾ جي رکي ٿو بغض هو،
دل اندر وشواس ٿو ڇپياٿجي.

ڪوڙ جي ٿو بدن کي چميو چمي،
سچ جو ڄڻ ماس ٿو ڇپياٿجي.

باغ ۾ ٽهڪن جي ناهي گونج ڪا،
سڀ گلن جو واس ٿو ڇپياٿجي.

◈





جي رهان ٿو مان اگر ايمان ۾،
ليڪيو ڇو ٿو وڃان بي ايمان ۾.

هڪ خدا ۾ جي پسن ٿا حُسن ڪي،
مان پسان ٿو حُسن سو انسان ۾.

سونهن مندر ۾ ڏسي جرڪيو پئي،
مون ڏٺي جا سندرتا ڀڳوان ۾.

ڪنهن پئي ٿاهي جاءِ جنت ۾ وڃي،
ڪو رهيو خوش دوزخي سامان ۾.

عشق الستي ڪنهن نه ڄاتو ڇو هتي،
پاڻ رهياسين حيف ۽ حيران ۾.

مان قدورت جو ڪڍي من صاف ڪيو،
مون ڏٺو پوءِ خدا کي انسان ۾.

مان وڃان ڇو تو جيئان محبوب ڏي،
پاڻ هو مون ڏي اچي ٿو گيان ۾.

◈

سانوري مون کي تنهنجي ادائن ڪُٺو،
زُلف ڪارن ڪنوارين نگاهن ڪُٺو.

عاشقي جون رُتون يار آيون وري،
درد جاڳي پيا پوڳنائن ڪُٺو.

زورِ محشر هيو مقتلن تي چيو،
سورمن کي سدائين صدائن ڪُٺو.

درد جي آهه ٿي هر طرف کان اچي،
سوڳوارن اسان کي هوائن ڪُٺو.

شام جي شور ۾ سوچيو ڪونه تو،
وار ڇوڙي ڇڏيئه ان گهٽائن ڪُٺو.

سنڌ ۾ سونهن آ پنهنجي تهذيب آ،
ها موهن جي دڙي جي ڪٿائن ڪُٺو.

◈





سونهن جو سنسار آهين ڇوڪري،
پيار ئي بس پيار آهين ڇوڪري.

دل ڦُرين ٿي هڪ نظر سان هاءِ هاءِ
حُسن جو ڪو چارُ آهين ڇوڪري.

ڪا ملي جنهن ۾ جنمن جي خوشي،
تون تہ اهڙو پارُ آهين ڇوڪري.

روز ليئا پائين ٿي ٻارن وانگيان
دل جيان تون ٻار آهين ڇوڪري.

ٿو ڇُمان گُل ڳل پيو او چلڪڻي،
شوخ جلوه خارُ آهين ڇوڪري.

◈

نـنـڊ خـواب جـي قـيـد ۾ آهـي،
چـڙ تـہ ثـواب جـي قـيـد ۾ آهـي.

هو آجو ڪيئن ٿي مئڪدي مان،
هـو اجـا شـراب جـي قـيـد ۾ آهـي.

ڪيئن ڪن ديدار هي پياسي اکيون،
چهرو سکي جو نقاب جي قيد ۾ آهي.

ڪونہ ٿو سوچي ڪڏهن زماني تي،
شاعر اجا ڪتاب جي قيد ۾ آهي.

ڇا ٿيو بي سبب هو وئي هلي،
هوءَ شايد حجاب جي قيد ۾ آهي.

راتين ۾ روح کي راحت ڪٿي آ،
روح پنهنجو رباب جي قيد ۾ آهي.

ڪتاب کي هو ڪيئن ٿو ڇاڻي سگهي،
جو رهيو شباب جي قيد ۾ آهي.

◈





نہ آ ڪا پيار جي خوشبو،
نہ ئي آ سار جي خوشبو.

اسان جي ئي نصيبن ۾،
رهي ٿي دار جي خوشبو.

گلابن سان رهي آهي،
رڳو ئي خار جي خوشبو.

گهمان ٿو مان پيو سنڌو،
آهي ٿڌڪار جي خوشبو.

هميشہ جيت هن جي ٿي،
اسان وٽ هار جي خوشبو.

"وفا" جي دل اندر آهي،
اوهان جي سار جي خوشبو.

◈

پاڻ کي عشق تي جو ايمان ٿيو،
لوڪ چو آ وچي ايڏو حيران ٿيو.

اڄ اڪيلو پيئان ٿو پر اڪيلو نہ هان،
تون جو تصور ۾ پرين آهين مهمان ٿيو.

روز ممبر تي چڙهي ٿو خدا کي سڏي،
پر اڄا پاڻ ناهي هو انسان ٿيو.

ڪوڙ کي نفرتن کي پنهنجو ڪري،
اڄ جو انسان چو آ وچي شيطان ٿيو.

بيگناهي ڪري آهيان گنهگار ٿيو،
سنڌ جي عشق ۾ ناهي ڪو ارمان ٿيو.

سونهن کي عشق ۾ وِک اڳتي ڪري،
جنهن سجدو ڪيو سو رهيو سلطان ٿيو.

◈





جڏهن تنهنجا پور پون ٿا،
تڏهن سارا سور اٿن ٿا.

نازڪ منهنجي دلڙي ۾ هو،
نظرن جا تير چُور ٿين ٿا.

ائين لڳي ٿو اڪڙين ڪان هي،
تنهنجا سپنا دور ٿين ٿا.

جيون سارو شيشي وانگر،
پٿر تي حالات لڳن ٿا.

ڪيڏا سور حياتي ۾ هن،
"وفا" جهڙا پوءِ بہ سهن ٿا.

◈

پيار پنهنجو غزل جانان،
ڳائجي پيو هر پل جانان.

زندگي تو سوا ڪھڙي،
تو ملين ٿي سڦل جانان.

آءُ توريءَ ڪومايل آ،
من ڪِلي دل ڪنول جانان.

ڏي چمي برف ڪر جذبا،
توڙ ڪاوڙ جبل جانان.

عشق هاڻي ڪجي ڪھڙو،
ٻانهن دل جي پڳل جانان.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

سونهن کي پوڄيو سمجهي رام،
عشق اسان تي ٿيو الهام.

ورد ڪيوسين هردم تنهنجو،
پوءِ ڇو هٽجي هر هر هام.

دل ڪيو سجدو سونهن کي هردم،
زندگي ڪئي سين تنهنجي نام.

خاص هڪڙو شاهہ ئي سڏبو،
پاڙ تہ سڏبا سين سڀئي عام.

سونهن، سنڌ ۾ عشق ڪبو حاصل،
پوئتي نہ هرگز هٽندي گام.

گيت نہ توکي ڳائڻ آيو "وفا"،
ڏاهي جو سَنو سين مرڪي الزام.

◈

اسان جي روح ۾ هي جا جڳن کان روشني آهي،
اوهان جو عشق آ جانان، اوهان جي دل لڳي آهي.

جواني يار پنهنجي ٿي هر پل آس ۾ پٽڪي،
نہ اکڙين جي کا کينچل آ، نہ ئي کا هڪ چمي آهي.

گهڙي سا ڪيئن ٿي وسري اڪين آڏو هئي گذري،
اها وينگس ڏٿي جا مون صفا کا جل پري آهي.

اوهان جي ئي شهر ۾ کو اوهان کي يار چاهي ٿو،
اوهان کي ڄاڻ کانهي کا، اوهان جي سادگي آهي.

نہ پنهنجا پير روڪين ها، نہ پنهنجي چير چوڙين ها،
ڏسين ها ناچڻي دل کي مسين راحت ملي آهي.





سوا تنهنجي نہ چين آهي، اکيون صحرا ويون ٻڻجي،
ٻُسي توکان سوا ٿي وئي اکين جي آرسي آهي.

اسان جو حال کهڙو آ نہ جيئڻ ئي تہ جهڙو آ،
غريبن جي جهُڳي وانگي هي اُجڙيل زندگي آهي.

نہ آ فکر خيالن ۾ وزن جي کوٽ ۾ ورتل،
چون ڏاها پيا مرکي اها کا شاعري آهي.

چيائين کيئن گهارين ٿو اکيلو ائين تون ساجن،
چيم توکان سوا هي زندگي ڄڻ وهہ وٿي آهي.

غزل سارو لکيو جانان "وفا" تنهنجي تصوير ۾،
پڙهي سارو وري ڏس شعر ۾ شائستگي آهي.

◈

دل ڇُهي ٿي عڪس هڪڙو،
چنڊ جهڙو شخص هڪڙو.

روح ٻٽيو ڇير منهنجو،
من ڪيو جو رقص هڪڙو.

ڪير سولي تي چڙهي ها،
ڪير رولي نفس هڪڙو.

ساهہ ڦوڪي ٿو بدن ۾،
سونهن تنهنجو لمس هڪڙو.

صوفيت ڪي روشني ڏي،
سچ جان ٿي شمس هڪڙو.

◈





هوا جا پر ڪٽيل آهن،
صدا جا پر ڪٽيل آهن.

هٿن ۾ ڪا لرزش ناهي،
دعا جا پر ڪٽيل آهن.

نہ ٿي مون وٽ پهچي،
جفا جا پر ڪٽيل آهن.

اوهان جي سونهن جي اچ،
ادا جا پر ڪٽيل آهن.

نپايان مان ڪيترو آخر،
“وفا” جا پر ڪٽيل آهن.

◈

عشق هن جي ڪيو ظاهر،
مان بہ بڻجي ويس شاعر.

جنهن ڏنو هو ڪلي مون کي،
درد سوئي رهيو ماهر.

بيگناهي گناهن جو،
مون تي پرچو ٿيو دائر.

ديس سان بدگماني تي،
هو بہ سڏجي پيو ڪائر.

هو نہ منهنجي بڻي امرتا،
مان بہ سڏجان ها ساحر.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

نانءُ تنهنجو ٿو ڪٺان آئون،
پاڻ کي پوءِ ٿو وٺان آئون.

ڏرتتي عاشقي جي ۾،
دل سڙي ٿي ٿو سڙان آئون.

زرد موسم خزان جي آهي،
پن ڇڻ جان ٿو ڇڻان آئون.

ذهن شهري آ ويو بڻجي،
ڳوٺ ڏي ڪونہ ٿو لڙان آئون.

ديس پنهنجو ٻولي پنهنجي،
پوءِ ڀي ڇو ٿو تڙان آئون.

◈

انڌن جي شهر ۾ روشني ڀٽڪي پئي،
اسان جي مفلسي ۾ زندگي ڀٽڪي پئي.

پيار تي پهرا ۽ ميلاپن تي بندشون،
عاشقن جي ديس ۾ عاشقي ڀٽڪي پئي.

هوا ۾ گلابن جي تڙپڻ پئي ٻڌايو،
ڪنڊن آڏو خوشبوءِ تازگي ڀٽڪي پئي.

بدذوق سارا ماڻهو هئا شايد ان شهر جا،
خوبصورت دوستو اتي شاعري ڀٽڪي پئي.

رند سارا پ ِي هليا ويا پيمانا خالي ڪري،
ٿيو ويران مئڪدو ۽ مئڪشي ڀٽڪي پئي.

سڄڻ سارا ٿي ويا دشمن ڏن جي ڪري،
دشمنن جو ديس ٿيو دوستي ڀٽڪي پئي.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

عشق آهي وفا گهرجي،
ٿي نئين خطا گهرجي.

درد سانڍي ٽڪي ناهي،
دل کي ٻي ٿي سزا گهرجي.

پيار چانورو رهي هردم،
ڪجهه نه پيو ڪو خدا گهرجي.

مان فنا ٿي وري موٽان،
عشق اهڙي بقا گهرجي.

سونهن آڏو ڪيم سجدا،
ٿي اجا ٻي انتها گهرجي.

◈

درد جا هي ڊگها سلسلا ٽوڙجن،
پاڻ هڪ ٻي پرين فاصلا ٽوڙجن.

عاشقي کي ملي ڪو سڪون دوستو،
عاشقن جا هلي مسئلا ٽوڙجن.

قوم ۾ آڻجي ڪا شعوري سگهہ،
جابرن جا سڄا قافلا ٽوڙجن.

شاعري مان ڪيان، خودڪشي چوڪيان،
ها ذهن جا سيئي زلزلا ٽوڙجن.

ڏرتتي جو هلي دوستن سان ملي،
غربتن جا وڏي مرحلا ٽوڙجن.

◈





زندگي ريل پٽڙي ٿي وئي،
هر هنڌان هاءِ اُکڙي آ پئي.

درد سارا وجي ٿي چاڙي اگر،
چاهہ ۾ جي ملي ٿي هڪ چمي.

رات بدنام ڪيڏو ٿي وئي،
مسڪرائي ويو ڏينهن مون کي چئي.

سڀ ويا هاءِ تنها مون کي ڪري،
ياد تنهنجي پرين مون سان رهي.

تون وجي چو آنا تي آهين پڳو،
آدمي آن تون بہ اچ ٿورو لهي.

دوستي ۾ تير جهڙا لهجا اچا،
ڪيترو ير دل "وفا" جي سهي.

◈

دوستن کي سارجي،
پنهنجي دل نارجي.

ماڻهپو ٿورو هجي،
دل قلندر ڏارجي.

پيار آهي زندگي،
پيار ويري مارجي.

هار مقدر کونہ آ،
حوصلو نہ هارجي.

جت ملي هڪڙي چمي،
زندگي ات گهارجي.

◈





تو سوا هي ڏات روئي ٿي،
۽ جدا هي ذات روئي ٿي.

مون اڪيلائي آ سمجهايو،
پر اڃا هي تات روئي ٿي.

آهہ سناٽو ماحول تي ڇانيل،
پوءِ ڇو هي سانت روئي ٿي.

چپ سبيل هن خاموشي جا،
ڪيترو هي بات روئي ٿي.

چنڊ چمڪي ٿو وڃي ڪاڏي،
ٿي تنها هي رات روئي ٿي.

عشق جي ٿي جيت آهي،
حسد ۾ هي مات روئي ٿي.

◈

آءُ ڏاري عشق السـتي،
هنيانءُ ٽاري عشق الستي.

دل جگر جي ڳالهه کهڙي،
جسم ڳاري عشق الستي.

ٿي فنا کان اڳ فنا تون،
نفس ماري عشق الستي.

هرڪو قاتل مجاز ۾ هو،
ڪير ساري عشق الستي.

سِيرَ وچ ۾ ٻوڙي دنيا،
پاڻ تاري عشق الستي.

◈





چنڊ جي آ چاندني ڪنهن بدنظر جي ور چڙهي،
جو وجي هو وحشي ڪڪر جي ور چڙهي.

هن اکين جي آرسي ۾ جاڳ جا ئي داغ ها،
جي لٽا پر زندگي اڻ ڪٽ سفر جي ور چڙهي.

دانهن ٿي ڪنهن ماءُ جي ءِ اُپ ڏري هو پيو،
زندگي معصوم ڪا گدلي گٽر جي ور چڙهي.

عاشقي جي ناوَ ڪي منزل ملي ها عشق جي،
پر وجي هو اوچتو ڪنهن پٿر جي ور چڙهي.

نفرتون مليون هيون سڀ محبتن جي عيوضي،
ڳوٺ ڪان دل ڏار ٿي هئي شهر جي ور چڙهي.

تون هئين هي زندگي هئي تاج محل جهڙي حسين،
توڪان پوءِ هي زندگي آ کنڊر جي ور چڙهي.

◈

ڪيڏا هون آوارا ٿي ويا،
چنڊ ۾ مان ناڪارا ٿي ويا.

تنهنجو گذر ٿيو آ شايد،
خوشبو جو هن چارا ٿي ويا.

ڀڪي پيو آ گهر ماڻهن سان،
چپ چو آهن جارا ٿي ويا.

تنهنجي ٿڪن سان هي منهنجا،
جذبا هن تاسارا ٿي ويا.

محبت مس هئي جاڳي من ۾،
دشمن سڀ تر وارا ٿي ويا.

عاشق ٿي مان شاعر ٿي ويس،
حيران چو ڏاها سارا ٿي ويا.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

ٿا وڇن سار جا چنگ خيالن ۾،
آ ڪٽي ڪي مٽي رنگ خيالن ۾.

مان تہ پنهنجي آنا ڪي گهٽو ڏيان پر،
ٿي هٽي تنهنجي آنا ڏنگ خيالن ۾.

چپ تنهنجا چمي ٿو اکين تي رکان،
پوءِ ٿا هي لهن ريشمي آنگ خيالن ۾.

روز ٿو جاڳ ڪي پاڻي ڏيان مان ننڊ جو،
ٿا ڦٽن تڏهن هي خوابن جا سنگ خيالن ۾.

مان اجا روشني ڪان بہ اڳي ويندس،
رات جهڙا ڪو نہ ٿو رڪان دنگ خيالن ۾.

◈

سونهن ماڻي ٿون،
درد چاڻي ٿون.

عاشقي جي ڏلي،
تند تاڻي ٿون.

راز ئي راز ۾،
سڀ سڃاڻي ٿون.

ڪونه ايندو وري،
عشق هاڻي ٿون.

پيار جا گس پرين،
آءُ ڄاڻي ٿون.

◈





پيار جو پنڇي سڏائين ٿو ميان،
پوءِ ڇو هي دل جلائين ٿو ميان.

راهه ساڳي پاڻ ٻنهي جي تو چيو،
پوءِ هٿ ڇڏائي ڇو رلائين ٿو ميان.

تو سوا ٿو روح ۾ ڪو ڪو چُڀي،
ساهه ڪي تون ڇو سڪائين ٿو ميان.

ساز پنهنجي پيار جا ساڳيا پرين،
تار دل جي سان وڄائين ٿو ميان.

سچ وانگي پاڻ ڪي ظاهر ڪري،
عشق ڪي لوڪان لڪائين ٿو ميان.

◈

اسان جي رهي آهي رياضت چمي،
چپن بس ڪئي آهي عبادت چمي.

اکيون پل ڪري هوءَ ڪجليون اچي،
حُسن کي ڏئي ٿي نفاست چمي.

دلين تي هلي راڄ ٿو سونهن جو،
ڪري جسم تي ٿي سياست چمي.

چون ٿا پلو پاڳ گورن جو آهي،
ٻٽي آهي جن جي هي رياست چمي.

سچو ڏينهن بهشت ۾ گذريو پرين،
اوهان جو ڪئي اڄ هي عنايت چمي.

◈





آءُ تازو ڪر،
گهاءُ تازو ڪر.

ڏي چمي هڪڙي،
چاهُہ تازو ڪر.

ساهہ پنهنجي سان،
ساهُہ تازو ڪر.

بيرخي ڇڏ پرين،
ناهُہ تازو ڪر.

پاڻ سان جوڙي،
ناءُ تازو ڪر.

◈

ڏُکي ٿي پئي دل،
ڏکي ٿي پئي دل.

پرين تو پڄاڻان،
ڇڄي ٿي پئي دل.

ڪري ڪيرُ پنهنجو،
رُلي ٿي پئي دل.

وري تون ملي پئه،
ڇوي ٿي پئي دل.

پٿر تي لڳو گُلُ،
ٽُٽي ٿي پئي دل.

زهر آ جدائي،
سهي ٿي پئي دل.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

پيار جو پڇتاءُ وڏندو ٿو وڃي،
يار هي سوداءُ وڏندو ٿو وڃي.

جيترو روڪڻ گھُران ٿو مان مٿي،
ياد جو درياءُ وڏندو ٿو وڃي.

عشق جي مرهم رکان ٿو دل مٿان،
روح جو هي گھاءُ وڏندو ٿو وڃي.

ذهن جي اوندھ ڇُهي ٿي شعر کي،
شاعري ۾ شعاعُ وڏندو ٿو وڃي.

آڱرين جا چپ ڇُهن ٿا چاتيون،
سونهن تنهنجو ساءُ وڏندو ٿو وڃي.

◈

عشق جو آواز ٻڌجي ٿا جيئون،
ها اسان ئي راز ٻڌجي ٿا جيئون.

روح کي ٿو رقص وجداني ملي،
ساھ جو ڪو ساز ٻڌجي ٿا جيئون.

دل جي رياست ۾ ملي بالي اگر
پاڻ پوءِ مير ناز ٻڌجي ٿا جيئون

جنھن جو ڪو ئي انت ناهي او سکي،
تنھن عشق جو آغاز ٻڌجي ٿا جيئون.

جي وطن وقت ڪو ڏکيو اچي ٿو،
پاڻ پو جان باز ٻڌجي ٿا جيئون.

◈





اسان وٽ محبتون ساڳيون،
اوهان وٽ نفرتون ساڳيون.

اسان وٽ تڙپ آ درد جي،
اوهان وٽ راحتون ساڳيون.

نہ تون کو پيار ٿو آچين،
اسان وٽ چاهتون ساڳيون.

ڏکي ٿي دل اوهان کان پوءِ،
نہ آهن دلبريون ساڳيون.

اڪيلا تو سوا آهيون،
اچي ڏي ساعتون ساڳيون.

◈

ڪيترو پاڻ کي رولجي زندگي،
پاڻ کي پاڻ ۾ ڳولهجي زندگي.

پيار جي آ صدا پيار ڏي تون پرين،
نفرتن ساڻ ڇو جهولجي زندگي،

زندگي آ حرارت ٿري جي وجي،
دل ذهن جي کي ڇاڇولجي زندگي.

ڪا ٻه جي ڪامٽي اک ڪجل ٿي ڪري،
پوءِ ان جي اکين ۾ ڦولجي زندگي.

پيار جي ڇانوَ ۾ پيار ئي آڇجي،
سچ نفرت نہ ڪو ڪولجي زندگي.

◈







بي خوف ٿي گذاري،
گمنام زندگي هئي.

هڪ هو وجود منهنجو،
جنهن جي ڪئي آبياري،
گمنام زندگي هئي.

مشهور ٿيس ايڏو،
بي نام ٿي پاڻ پاري،
گمنام زندگي هئي.

نڪري وئي وقت جي،
جيئن هٿن مان واري،
گمنام زندگي هئي.

سوا تنهنجي سپرين،
اسان ائين پئي گهاري،
گمنام زندگي هئي.

◈

ساڳي ساڳي چاهت ڏي،
پيار هي مرڻو ناهي.

دل دُکي آ کيڏو،
تنهن کي راحت ڏي،
پيار هي مرڻو ناهي.

نفرت مان ورندءِ ڇا،
مُرکي محبت ڏي،
پيار هي مرڻو ناهي.

ڪُلفت من متائي،
عشق ۾ اُلفت ڏي،
پيار هي مرڻو ناهي.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

ڪِلي بيٺو درازن ۾،
سهڻو يار سچل.

مذهبن جا ڳچھ چاٽي،
زمر رکي ويو رازن ۾،
سهڻو يار سچل.

ڪري دل دنبورو،
سچ سڻائي ٿو سازن ۾،
سهڻو يار سچل.

صوفيت جي روح مثان،
گهمي ويو نازن ۾،
سهڻو يار سچل.

◈

منهنجي من ۾،
جوت جلائي،
ڪيڏانهن هوءَ وئي.

ساهن سان هو،
ساهه ملائي،
ڪيڏانهن هوءَ وئي.

دل کي دردن جا،
ڏک لڳائي،
ڪيڏانهن هوءَ وئي.

پياس پيار جي ڪي،
سحرا بڻائي،
ڪيڏانهن هوءَ وئي.

منهنجي اکڙين مان،
سارنگ برسائي،
ڪيڏانهن هوءَ وئي.

◈





ڌرتي آزارن ۾،
ڪهڙي عيد ڪجي.

دهشت ڦهليل آ،
شهر بازارن ۾،
ڪهڙي عيد ڪجي.

سچل سچ چئي ويو،
ها دوست درازن ۾،
ڪهڙي عيد ڪجي.

ڪجهه ته لڪيل هوندو،
رقيب جي رازن ۾،
ڪهڙي عيد ڪجي.

زنده هوندي "وفا"،
آهيون مزارن ۾،
ڪهڙي عيد ڪجي.

◈

دل جي ويران وستي،
اچــي آبــاد كــر.

سورن ۾ حيات گذري،
سونهن سان او سرتي،
اچــي آبــاد كــر.

تر جيان آ رُڃ سحرا،
من اندر جي ڌرتي،
اچــي آبــاد كــر.

نيڻن جــو جــام پيار،
اها ساڳئي مستي،
اچــي آبــاد كــر.

تو سوا اُجــڙيل آهي،
”وفا“ جي هي هستي،
اچــي آبــاد كــر.

◈





ٻوڙهــا ٻوڙهــا ٿي،
چــنڊ وكــامــي ويــو.

رات رڙيــون كــيــون،
هن جي كنهن نہ ٻڌي،
چــنڊ وكــامــي ويــو.

لالچ جــــي كونہ اجا،
اونــدهــہ آهــي كُـتــي،
چــنڊ وكــامــي ويــو.

ديد كئي اک ڇنڀ ۾،
گم ٿي وئي روشني،
چــنڊ وكــامــي ويــو.

◈

چاهتن جي ديس ۾،
نفرتن جو آهي هُل.

خوشبو روئي پئي،
شاخ تان ڪِريو ڪنول،
چاهتن جي ديس ۾.

هڪ چمي سان ڏاهجي،
بيرخين جو هي جبل،
چاهتن جي ديس ۾.

نرگسي احساس ٿا،
تلخ لهجا ڪن قتل،
چاهتن جي ديس ۾.

دل صحيفو پاڪ ٿي،
روح تنهن جو ٿي رحل،
چاهتن جي ديس ۾.

درد تنهنجي جو "وفا"،
ڪير ڳولهي يارحل،
چاهتن جي ديس ۾.

◈





پيار آهي زندگي،
تنهن جي پوڄا ڪجي.

چمين جي طواف سان،
سونهن بڻائي بندگي،
تنهن جي پوڄا ڪجي.

روح کي سڪون ڏي،
اهڙي جو ملي خوشي،
تنهن جي پوڄا ڪجي.

سڪ ۾ پيار مان،
مسڪرائي جو بہ ڏسي،
تنهن جي پوڄا ڪجي.

◈

روح ٽي رهـــڙي چڏي،
ڏات جي ديوي ميان.

ننڊ ڏي ويندڙ سيئي،
رستا ٽي موڙي چڏي،
ڏات جي ديوي ميان.

ڪاغذن جي ديس ۾،
خيما ٽي ڪوڙي چڏي،
ڏات جي ديوي ميان.

شاعري جي سمنڊ ۾،
خيال ٽي لوڙهي چڏي،
ڏات جي ديوي ميان.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

اسٽوپيا ٽي چنڊ لٿو،
سنڌ جرڪي پئي.

هولي جا رنگ اڏريا،
دل مندر ۾ گهنڊ وڳو،
سنڌ جرڪي پئي.

پيار ئي پيار هيو،
دل تان لٿو نفرت سڳو،
سنڌ جرڪي پئي.

مذهب جي چادر ۾،
هر روح صوفي لڳو،
سنڌ جرڪي پئي.

◈

مڪلي کي جاڳائي،
تاريخ نئين لکجي.

ڏاهر هجي هيرو،
هوشو کي همٿائي،
تاريخ نئين لکجي.

جن جن ڪاهه ڪئي،
سي سڀ پيهر مارائي،
تاريخ نئين لکجي.

ديس سڙي ٿو پيو،
امن جو آنگاس لهرائي،
تاريخ نئين لکجي.

سَمبارا جي پازيب لپي،
موهن دڙي کي کوٽائي،
تاريخ نئين لکجي.

اڳ جا لکي ويئي،
سا درياءَ ۾ لوڙهائي،
تاريخ نئين لکجي.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

ڪير اوندهه مان ڏسي،
گهاءُ روشني جو.

ڏور آڪاس تان پيو،
مون ڏي هر هر اچي،
سياءُ روشني جو.

چڪور جيان من هي،
چنڊ چهرو پيو پسي،
چاهُه روشني جو.

تنهنجي حُسن جو "وفا"،
ڪيئن دل هي سَهي،
تاءُ روشني جو.

◈

ڌرتي لئه آهي،
جاڳ اسان جي.

آڌيءَ جو اڇي،
ڇا ٿي هي چاهي،
جاڳ اسان جي.

مارُن جا درد سڀ،
هڪ ڏينهن ڇڏيندي لاهي،
جاڳ اسان جي.


پيار بنا تنهنجو،
"وفا" ڪجهه ناهي،
جاڳ اسان جي.

◈





عشق جي آرسي: وفا گولو









## چاهت

اوهان جون چاهتون ميڙي
رکيون شوڪيس دل جي ۾
ڇميون پاڪر ۽ ڪجهه يادون
ڪنوارا خواب ها تن سان
۽ ڪجهه ها خواب ڏرتي جا
سيئي ها شانتي وانگي
چتا ها چاندني وانگي
سيئي تحفا سکي تنهنجا
سيئي ها راحتون ميڙي
اوهان جو چاهتون ميڙي
رکيون شوڪيس دل جي ۾
اوهان جي سار تڙپائي
پئي ٿي روح ڇيپاٽي
ملڻ تون يار جلدي آ

وري آ بهار جلدي آ
مگر ڪهڙي خبر جانان
خزان پِي ڪا خزان ايندي
اکين جا خواب هي سارا
ڇٽي ڪِرندا نہ ڄاتو مون
اسان جو عشق هي جانان
ائين ٽُٽندو نہ ڄاتو مون
پکي سارا امن جا هي
لڏي ڌرتي ڇڏي ويندا
امن جا گيت سڀ ساٿي
دفن سارا ڪيا ويندا
اسان جي قوم جا جوڌا
ائين قتلام ٿي ويندا
اندر جا هي وڏا ڪوتا
اچي هت ظلم هو ڪندا
سڄي ڌرتي ڏڏي ويندي
سچي چاهت ٽُٽي ويندي
پرين محبت ڦِٽي ويندي
۽ دل موهن دڙي وانگر
ائين ميسارجي ويندي.

◈





## حسن درس کي پيٽا

مشائخ تي ستو پيو آ
ڪفن هو جاڳ جو پهري
وڇائي درد جو بستر
نمن جي ڇانوَ ڪان پرتي
ٻڙن جي ڇانوَ جي هيٺان
بيهاري ڪُميت هو گهوڙا
مشائخ کي ٿو جاڳائي
سچل کي هو سڏي ٿو پيو
پريان الفي گيڙو پهري
اناالحق الاپيندو
اچي رومي پڳو آهي
مٿان منصور لامذهب
ڪري ٿو روشني سڀ تي
سيئي يار ڏس گڏجي
حسن کي جام آچين ٿا
حسن صوفي عقيدت سان
پيو ٿو جام کي اوتي
اناالسنڌ الاپي
پرين جي پاڇي ۾ ويهي
اجا ٿو پيار هو آڇي
پيار کان هو ٿڪو ناهي
اجا ٿيو هو جهڪو ناهي.

◈

43

## چُمي

اکيـن ۾ رنـگ ٿـي اوتـي
نهاري چاهہ مان مون ڏي
ستـل احسـاس ٿـا جاڳـن
اکين جي ميچ سان جڏهين
چـپـن جـو جـام ٿـي آڇـي
ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ
بـدن ۾ روح ٿـي ڦـوکـي
چوي ٿي چاهہ مان مرکي
جدا جاني نہ ٿيندا سي
گـلابـن ڏي نـهـاري ۽
وري مـرکـي چـوي ٿـي هـو
نـپـائـڻ جـو وچـن ڏي تـون
ڦکي مان مرڪ ٿو مرڪان
انـدر سـارو پُـري ٿـو پـئـي
چوان ٿو اي سکي تنهنجي
محـبـت مـون لئـہ امـرت آ
مگـر منـهـنـجي نصـيـبـن ۾
چڳـن جي چانوَ ئي ناهي
آ منهنجو عشق ڏرتي سان
چـپـن جـو جـام تـون آڇـي
انـدر کـي درد ٿـي آڇـيـن
پريـن سيـنـي انـدر ڏسـنديـن
انـدر آ سـنـڌ جـو نـقـشـو




عشق جي آرسي: وفا گولو

رڳـن ۾ خـون جـو آهـي
پـريـن سـارو هـي سنـڌو آ
اکـيـن ۾ ڏار چـو آهـن
خـبـر نـاهـي پـريـن تـوکـي
اهي ٿـي درد پـنـهـنـجا جا
وطـن جـي ئـي غـدارن جـا
انـدر کـي درد وڍ ڏي ٿـو
نـڙي ۾ لـفـظ ٿـا آٽـکـن
۽ ڦٽکي جپ ٿي منهنجي
۽ ٿڙکن چپ ٿا منهنجا
انـدر آواز ٿـو ڏيـجـي
وري پـٽـکـي چوي ٿـي هـو
بـرابـر سـنـڌ آزادي
گهري پيئي ٿي صدين کان
سـيـد جـو خـواب ٿـي پـورو
وطـن لـئـہ ويـڙهـہ جـاري رک
وچن آهي منهنجو توسان
ستـارن سـيـج تـي جـڏهـيـن
ڪَتي اُپري جڏهن ايندي
وري تـوسـاڻ مـلـنـديـس مـان
جـڏهـن آزاد سـنـڌ ٿـيـنـدي
هـٿـن تـي هـو چـمـي ڏيـئـي
اُٿـي مُـرکـي هـلـي ويـئـي.

◈

## ڀنورو

ٻولي جڻ ڦلواڙي آهي
جنهن ۾ سرها لفظ گلن جا
خوشبو وانگر ڪڙندا آهن
تن جو واس وٺڻ لئہ ڀنورا
هر هر ڦيريون پائيندا آهن
لفظن جي گل مکڙين کي
هر هر پيا چاهيندا آهن
تن ڀنورن مان هڪڙو ڀنورو
ٻين ڀنورن کان بنهہ نرالو
ڳاڙهي تازن گلن ڦلن جو
رس چوسيندو رهندو آهي
گيت ڳائيندو رهندو آهي
خوشبو وارن گل لفظن مان
سرها سرها پيار پريل هو
شعر ٺاهيندو رهندو آهي
ڀنورو بنهہ نرالو ڀنورو
لوڪ چوي ٿو جنهن کي شاعر
ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جو شاعر.

◈




عشق جي آرسي: وفا گولو

## دوکو

دنيا ساري دوکو آهي
دوکي ۾ هن رنگ سڀئي
جي تون سوچين دوکو آهين
مان پڻ سچ ۾ دوکو آهيان
ڇو جو مون سان مان بہ آهي
مان ۾ بہ ڏاڍي لذت آهي
پر تنهن لذت ۾ لذت ناهي
مون کي منهنجي سرت تي ماري
ڇو جو هوءَ پاڻ مئل آ
مون کان پاڻ کي اعليٰ سمجهي ٿي
پر جي هو سمجهہ کا ڏاري
پاڻ کي هوءَ ائين نہ ماري
دنيا جا نہ هو ماڻهو ڪاري
ايڏو تن کي هوءَ نہ ڳاري
جي هو جاهل گڏجي هڪ ٿي
ڪنهن بيواهہ پتڪي وانگر
دنيا کي گهٽ وڌ ڳالهائين
پنهنجي ذات جي خاطر
نہ هو خواهش جاڳائين
پنهنجي دنيا ڪونہ سنوارين
انهن جي جا دنيا آهي
تنهن دنيا ۾، جي دنيا جي

هر هر جو هي خواهش جاڳي
ڇا پوءِ سا پوري ٿيندي
جي خواهش هي پوري ٿيندي
پوءِ تہ دنيا ساڳي رهندي
ساڳي رهندي ڪونہ هي ڊهندي
پر هو منهنجي دنيا جا ويري
منهنجي دنيا ٿا ڊاهڻ چاهين
پنهنجي دنيا ٿا ٺاهڻ چاهين
جنهن جا پاڻ رکوالا هوندا
هن دنيا کي ڪوڙي چئي
پنهنجي ڪوڙ کي پرچائيندا
ها جي دنيا ڪوڙي آهي
پوءِ هتي ائين ڇو آهي
دنيا سان جو پيار ڪري ٿو
سو ايڏو ڇو سوڪو آهي
جيڪي دوکو، دوکو ڪن ٿا
دوکي ۾ سي پاڻ رهن ٿا
مان تہ پنهنجي دنيا جو آهيان
پاڻ کي ان جي لئہ ٿو ٺاهيان
تنهن جي هر انسان کي چاهيان
دنيا دوکو ناهي پيارا
جي تون سوچين هتڙادو ڏاها
دنيا توکي دوکو نہ لڳندي
دوکو تنهنجو دوکو لڳندو.

◈





## موڪلاڻي

جڏهن شام ڏاري
اسان پيار مان هو
اداسين جي نيري
اُپ ڏي نهاري
ٻہ ٿي لڙڪ هاري
اوهان جي مياري
نگاهن کي چمندي
هيو موڪلايو
تڏهن هو اسان کان
اسان جي ئي ساهن
هوا جي اشارن
اوهان جي تہ ٿهڪن
اسان جي تہ لڙڪن
هيو موڪلايو

تڏھن سنڌ ساري
تہ چڻ موڪلايو
جڏھن جو ستمگر
چيو ڇام شوري
تہ سڏڪي اسان کي
اگر موڪلائي
وڃو ٿا پيارا
اھا وينتي آ
ورسٽي ۾ مون کي
اوھان پنھنجي دل تان
وڃي دور مون کان
وساري نہ ڇڏجو
ميساري نہ ڇڏجو.

◈





## مانگر مڇ

نہ مانگر مڇ اھو ساڳيو
نہ آھي مورڙو ساڳيو
نوان راڪاس آيا ھن
ڪراچي کي وري کُھندا
وٺي جلاد آيا ھن
وري ساڳي ئي مقتل تي
نہ ھن کي ھو سڃاڻن ٿا
رھيو اٿس ساٿ ۾ جيڪو
سمندر سو بہ سوچي ٿو
اڪيلو مان ئي رھندس
حسن جي ئي ھجومن ۾
حسينن کي خوشيون ارپي
سدائين مست ئي رھندس

رهزنن سوچ نئين ناهي
ديوارن جي زنجيرن سان
سمندر کي ٻڌو آهي
اهوئي ڏپ پيو کائي
ڪراچي کي پيو هردم
اگر سمنڊ کي ويا هيسائي
تہ پو مان تہ ڪجھہ ناهيان
نوان مانگر مڇ هي مون کي
بنا ڪنهن اوڳرائي جي
ڪچوئي ڳهي ويندا
پري رت مان هو پئمانا
خوشي سان ڳڙڪي ويندا
اچي مون کي بچائي ڪو
سنڌي جيڪو سڏائي ٿو.

◈





## ڌرتي

نرالي ڪا پري آهي
اها جا چوڪري آهي
رهي ٿي جام شوري ۾
هڳائن جي هندوري ۾
اکيون جڻ هن جون سيتا جي
پويتر مورتي وانگي
چپن تي پياس ٿي تانگهي
تہ هر هر نيڻ پيا چمجن
نوان کي واس پيا وتجن
جڏهن هوءَ زلف ٿي چوڙي
تڏهن خوشبو ٿي شرمائي
وجي ٿي رخ بدلائي
نشيلا نيڻ جاني جا
چمي ٿي روز چانڊوڪي
جڏهن سامهون اچي ٿي هو
تہ دل تيزيءَ سان ڌڙڪي ٿي

جتائي عشق ٿي جڏهن
تڏهن هي خيال جاڳي ٿو
اسين رولاڪ رستن جا
نہ پنهنجو ڪو ٺڪاڻو آ
اسان جي سيج گهاٽو آ
اسان جو عشق سرتي سان
اجا تائين هلي ٿو پيو
اهو اعزاز ماڻيون ٿا
وري دل ڳاڙهي جهنڊي ڏي
ڏسي هي يار مرڪي ٿي
چوي پاپوهہ مان هيئن ٿي
اهي ساريون حسينائون
چڙيان مان ديس ٿا گهوري
ڏيان هي ماس پي ڪوري
اسان جو سنڌ سرمايو
اچو سڀ سيني سان لايو
اسان جو عشق ڌرتي سان
اسان جو پيار ڌرتي سان.

◈





## ثقافت

ثقافت سون جهڙي آ
ثقافت سج جيان آهي
ثقافت سونهن آ پنهنجي
ثقافت ساهہ جيان آهي
ڪيون تنهن کي اُجاگر اچ
پهري ٽوپي ۽ اجرڪ
جي سوچين تون ثقافت آن
ثقافت آءٌ پڻ آهيان
ثقافت ڏينهن تي گڏ ٿي
وچن هڪڙو ڪيون گڏجي
ثقافت زندهہ رکڻي آ
تہ رهبو پيار سان گڏجي
امن کي آڻبو هتڙي
اصل جيڪا ثقافت آ
اهائي سنڌ آ پنهنجي
امن جند آ جنهن جي
انهي تي ساهہ گهوري ڇڏ
امن ۽ پيار کي آڻي
ثقافت کي سنواري ڇڏ.

◈

## بغاوت

گدائي روپ ڏاري کو
۽ ظالم کي ڏتاري جو
سڏي مظلوم کي جيڪو
وٺي هر حق ڏياري جو
مجون تنهن کي اسان پنهنجو
ٿئي افسوس ٿو يارو
اسان جهڙن اديبن جو
جتي رت ديس آ سارو
دليون بيروت بڻيل هِن
اتي قاتل اجا آهيون
اسين شاعر چسي چمين ۾
اسان کي کو تہ سمجهائي





گدائي روپ جو ڏاري
جڏهن هي ديس آ قيدي
تہ قيدي جي چمي کهڙي
صفا بي سود آ ٿيندي
جتي آزاد ڏرتي آ
چمي جو اتي لطف آهي
اتي مذهب چمي آهي
مجان ٿو مان او سرتا
چمي آ زندگي پنهنجي
جي ٿورو سوچجي يارو
جتي بک پارڙا ماري
رهي ممتا عذابن ۾
اتي پنهنجي بغاوت آ
انهن بي سود چمين کان
بغاوت آ، بغاوت آ.

◈

## ڪاري سياست

تون ڇا ڄاڻي ڌرتي ڇاهي
مارون ڇا هِن سانگي ڇا هِن
تن کان وڌ آ توکي پياري
پنهنجي ڦرڻي ڪرسي ڪاري
توکي ڪائي لڄ ئي ناهي
تنهنجي گهر جي منهن تي ماڻهن
ڪاري دانگي ڦيري آهي
تنهن تي ٿورو جهاتي پائي
پنهنجي منهن تان عينڪ لاهي
شايد تو گاڏيءَ مان لهندي
ليئو پائي نهاريو ناهي
تنهنجي گهر جي منهن تي دانگي
ڪارنهن جا ٿي ليڪا پائي
تنهن تي تنهنجي ڪوڙي مفاهمت
روزانو پئي ٿي تيل مکائي
تنهن پاسي تو سوچو ناهي
ڪارنهن ڪارنهن ٻڻجي ويئي
تنهنجي ڪاري سياست آهي.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

## زخمي چانڊيوڪي پيٽا

ماڻهو جيڪو ورڻو آهي!
ماڻهو جيڪو مرڻو ناهي
تنهن جو مٿ ڪا گولي ناهي
رت جي هي ڪا هولي ناهي
هن جي هڪڙي ڳالهہ انوکي
پيار مٿي سان مٿي واسي
ان جي انهي سادا پن تي
ڪجهہ بگڙن کي ڪاوڙ آئي
ڪتن وانگر ان تي ڏمريا
تن کي ڪائي سُڌ نہ آئي
هھڙا مڙس مٿير نہ مرڻا
گجگوڙن سان هر هر ورڻا
پر ڪائنر تو اهو نہ ڄاتو
ماڻهو هي نہ مئو گولي سان

تو جا گولي هنئي شاعر کي
سا تہ لڳي توئي ڪائنر کي
توکي آءُ پڌايان چا چا
گولِي جا تو ٿاهي آهي
ان سان سنڌ هي مرٽي ناهي
مون کي پڪ ڏني آ ڏرتي
شاهد آهي هر هڪ ماڻهو
جنهن کي ڊڪڻ ساهہ ڏنو
۽ لاڙڪاڻي ويساهہ ڏنو
سو او ڪائنر مرٽو ناهي
دل منهنجي هي مڃي ٿي
هو ورٽو آ مرٽو ناهي
هو ڏس وريو ڪالهہ جلدي
خالد( 1) بڻجي ساجد(2) بڻجي.

◈

1. خالد 2. ساجد زخمي چانڊيو جا فرزند





## وقت

ڦڙي ڦڙي وسي پئي
اسان جي روح جي مٿان
جسم هي پسي پيو
انگ انگ ٽُٽي پيو
سنياليون ڪيترو پلا
سمونڊ جذبن جو اندر
چلي پيو وڏي پيو
اڪيلا جيئون بہ ڪيترو
تو سوا او سانورا
اپاڻڪا اڪيلڙا اويلڙا
اسان جي صبح بہ وئي
رنگين شام ٿي وڃي

اسان کان کسکندي وري
ڊسمبر بہ ويو هليو
وڃي ٿي جنوري پرين
اسان جي تون اڪيلائي
دور جي کري سگهين
تہ آءُ گرم ساهہ کيون
اسان جي روح ۾ رهي ٿي
اُڃ صدين جي پرين
انهي کي چپن سان وري
اُجهاميون اُجهاميون
اچين تہ آءُ تون پرين
ورين تہ واءُ ٿي پرين
اجا ويو نہ وقت آ
اجا ويو نہ وقت آ.

◈





## اسان عثمان مروندي

اسان عثمان مروندي
سدائين رقص ۾ رقصان
هڻون ٿا حيدري نعره
نچائي روح پنهنجي کي
کيون ٿا عشق کي سجدا
پچائي جسم هي پنهنجو
رهون ٿا مست الستي ۾
اسان کي خوف بمڻن جو
اوهان پارن تہ بگڙن جو
کڏهن ڀي کو رهيو ناهي
اسان صوفي قلندر هون
اسان جي دل دنبورو آ
اسان عالم لئہ آبادي
کئي آ تو تہ بربادي
اسان جو عشق هي تنهنجو
اجا ڀي نور وجائيندو
اجا توکي رلائيندو
اسان هوتي مشائخ هون
اسان ئي عشق شائق هون

اسان کي تون ڇا مِتائيندين
اسان جو جسم هي گيڙو
انهي کي تون ڇا لاهيندين
اسان جي دل قلندر آ
درازا پنهنجو اندر آ
سدائين رقص ۾ آهيون
السٽي عڪس ڏاهيندين
ڀڏي ڇڏ او انڌا پوڙا
رکيل آ روح ۾ رقصان
اسان چيزل جا متوالا
اسان جهوڪن جا رکوالا
ڪڏهن ٻٽيا ڀڍل آهيون
ڪڏهن هون بودلا بودي
ڪڏهن سامي سچل آهيون
ڪڏهن ڀڳت ڪنور آهيون
اسان نالي الک آهيون
اسان عثمان مروندي
سدائين رقص ۾ رقصان
هٺون ٿا حيدري نعره
ڪيون ٿا عشق کي سجدا.

◈





## سُرت

ڇون ٿا يار سڀ مون کي
سماجي سُرت ڪانهي ڪا
مڃان ٿو مان حقيقت آ
نہ جنهن ۾ واڌ ڪا آهي
نہ منهنجي سوچ سماجي آ
نہ مان ماڻهو سماجي آن
ڪڇان ٿو مان اگر تن ڪان
ڇون ٿا دين ۾ ناهين
ڪڍي ايمان مان مون کي
ڪرڻ سنگسار چاهين ٿا
اهو هو ڇو نہ ٿا سوچن
جو ٻُڪيا ڀار ٿو ناهي
نہ جن لئہ ڪو ڳيو آهي



54

نہ جن لئہ ڪو لٽو آهي
نہ جن لئہ ڪو اجهو آهي
جي انهن جو خدا آهي
خدا سو پاڻ ئي سوچي
سماجي سوچ سو ٺاهي
اسان لئہ پيار جو پاڇو
چمين جي ڇانوَ ڪافي آ
اسان کي ڪانہ ٿي گهرجي
سماجي سوچ جي پيڙا
وڃي او يار سمجهايو
اوهان پنهنجي ئي آقا کي
مڃي پنهنجي ئي هستي کي
خدا جي واسطي يارو
سماجي سُرت ڪا ڏاري.

◈





## سڦل زندگي

جواني عشق تنهنجي ۾
اڃا تائين جلي ٿي پئي
اڃي تون عشق آتش کي
مٽي ماٺو ڪري وڃجان
چمي پاڪر پري وڃجان
نہ پنهنجو تو ڪيو جانان
نہ ڪنهن جا ٿي سگهيا آهيون
اسان کي مُرڪ پنهنجي ۾
سجايو ڪو نہ تو جانان
اسان کي روح پنهنجي ۾
لڪايو ڪو نہ تو جانان
سڏي پنهنجي تون نيڻن جي
پناهن ۾ رکين ها جي
اسان پنهنجي هي پانيون ها
سڦل پوءِ زندگي جانان.

◈

## مدن فقير

فقيري ويس اوڍي هو
اچن ٿا پٽ ڏٽي توڏي
خدا پي تن جي دلين کي
ذرو پي کونہ ٿو لوڏي
آنائن جا کٽي کوڙا
کنن کان هو انڌا پوڙا
نہ ٿا دل کي دنبورو کن
نہ ٿا کي آيتون سمجهن
نہ ئي آڳنڊ تنهنجي جي
ٽڏيري هير کي پُرجهن
پٽن تان راڙ ايندڙ کي
کڏهن پي کونہ ورنائين
پويتر پٽ ڏٽي تنهنجي







اچي ان آستاني تي
اچا پي کونہ ٿا سُڌرن
خودي جي خول مان نکرن
ڏسين ٿو پٽ ڏٽي تون هي
سُٽي ٿو هو کراڙي پي
سجي هن عُرس تنهنجي مان
ملي ٿو جو درس سيني کي
اهو آفاقي جو آهي
رڳو نالي جي ماتر هي
اچي گيڙو پيا پائين
ڏسي هي ماجرا ساري
فقيري جو علم بردار
مدن ٿو کُنڊ ۾ روئي
پليتن جي اچڻ تي هو
سڄو آڱنڊ پيو ڏوئي.

◈

# اياز جاني کي پيتا

دعا جا نيڻ آلا ها
هٿن کي ديد ڪاٿي هُئي
اوهان جي موڪلايو هو
اسان جي عيد ڪاٿي هُئي
سمورا پل ويا ٻڻجي
ڏهين عاشور جهڙا ها
اوهان ڪانپوءِ ڪيئن آهيون
پڇي ٿي روز هي دلڙي
ٿتل شيشي جيئن آهيون
اهو منصور( 1) آ ساڳيو
اهو سرمد( 2) ٻه مرڪي ٿو
جنين جي جيءَ سان دل جو
سچو هي جڳ جرڪي ٿو
چون ٿا تون ڪٿي آهين
سڏي ٿو لاڙڪاڻي هي
ڇڏي ان نئين ديري کي
اچي پنهنجي بسيري تي
وري مرڪون وکيري وڃ
اسان جو پيار آ ٽڪرا
انهي کي تون سهيڙي وڃ.

◈

57

• (1) منصور ۽ (2) سرمد اياز جاني جا فرزند



عشق جي آرسي: وفا گولو

# نثري نظم





## عشق

عشق
جنهن بہ
دل کي
ڇھي ٿو وڃي
سا دل
ڪڏھن بہ
مرده نہ ٿي
ٿي سگھي.

## مذهب

اي ملان
مذهب
انسان کي
سنوارڻ لاءِ
خالق خلقيو آهي
پر تون تہ
مذهب
۾
انسان کي
سينواري رهيو آهين.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

## سونهن

تون چنڊ کان بہ
وڌيڪ حسين آهين
چنڊ بہ تنهنجي
سونهن پسڻ جو
محتاج آهي
تون آئينو نہ ڏسندي ڪر
چو تہ
دنيا جا سڀ آئينہ
تنهنجي سونهن
ڏسڻ لاءِ
آتا آهن
منهنجي اکين جيان.

◈

## شاعري

شاعري
روح جو
عڪس آهي
جيڪو
شاعرن جي
اکين جي
گهرائي ۾
هر ڪنهن کي
نظر ناهي ايندو.

◈





## ڪائنات

متي
ڪائنات جي
هن وشالتا ۾
جيڪڏهن
تون
ناهين تہ
پوءِ هي
ڪائنات مونکي
تمام
سوڙهي ٿي لڳي.

◈

## پالنا

شهر جي
چوڌاري
ڪتا پؤنڪن ٿا
هڪ چالاڪ ڪُتي
شهر ۾ داخل ٿي
شهرين کي
ڏاڙهي وڌو آهي
شهر جي
ميونسپل انتظاميه
۽ حڪومت
ڪُتي کي
مارڻ بجاءِ
ان جي
پالنا پئي ڪري.





## فراريت

منهنجا دوست
اڪثر ڪري
منهنجي
فراريت تي
کِلندا آهن
۽ ڪائنر پٺي
جا لقب ڏيندا آهن
مان
اڪثر اڪيلائي ۾
سوچيندو آهيان
ته منهنجا دوست
پوءِ
ائين ڇو چوندا آهن
ته
ڀڄڻ ڪم ٻه وريامن جو.

## آلميو

زندگي جو
وڏي ۾ وڏو
آلميو
اهو آهي
جڏهن
نفرتن جي
دز ۾
پيار
دڀجي وڃي ٿو.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

## معذرت

اخبارون
روزانو
ڪوڙ لکنديون آهن
پوءِ بہ
اخباري ادارا
ڪڏهن بہ ڪو
ترديدي
بيان هلائي
سچ ڪان
معذرت
ناهين گهرندا.

◈

## تبديلي

سماج ۾
وڏي تبديلي
اچي رهي آهي
جو ڪتاب
مهانگا
۽ جسم فروشي
سستي ٿيندي پئي وڃي.

◈





## ڀيانڪ تصوير

ويٺي ويٺي
منهنجي اکين آڏو
سماج جي
ڀيانڪ تصوير!!
ٺهي پوي ٿي
جنهن ۾
لائبريريون ۽ درسگاهون
ويران نظر اچن ٿيون
وڊيو سي، ڊي جي
اگهاڙين فلمن جي دڪان
۽ بازار حُسن تي
ماڻهن جي رش آهي.

◈

## پورٽريٽ

سماج
اگھاڙي عورت
جو پورٽريٽ
بڻجي ويو آهي
جنهن کي
هرڪو
حوس جي
نگاهن سان
ڏسي رهيو آهي.

◈





## پاڪ رشتا

جنسيات
جو مرض
سماج کي
اجگر جيان
وڪوڙي ويو آهي
جنهن پاڪ پوتر
رشتن کي بہ
ڳھي ڇڏيو آهي.

◈

## جيون

اسان جو
جيون
پينو فقير جي
ڪشڪول ۾ پيل
ان ڪوٽي سڪي
جيان آهي
جنهن کي
وقت
ردي سمجهي
اُڇلائي ڇڏيو آهي.

◈





## ڪراس نوٽ

اسان جو
جيون
ڪراس نوٽ
جيان آهي
جنهن کي
ڪو بہ شخص
قبول ڪرڻ
نٿو چاهي.

◈

## سهارو

مٺي
تنهنجو ساٿ
منهنجي رولاڪ
روح لئہ
بيساخين جيان
سهارو هو
تنهنجي
وڇڙي وڃڻ ڪان پوءِ
هي معذور
ٻڄي ويل
روح
اڃي ڏس
ڪيئن تڙپي
رهيو آهي
تو لئہ.

◈





## ٽي لفظ

پرين
منهنجي
سپنن جي
شيش محل کي
تو بيرخيءَ جا
ٽي لفظ چئي
چڪناچور
ڪري ڇڏيو
ياد ڪر
تو چيو هو
آءِ، هيٽ، يو.

◈

## انڪار

متي
تو جڏهن
منهنجي
پيار کان
انڪار ڪيو
تڏهن
منهنجن سپنن
اکين جي
ست ماڙ
منزل تان
هيٺ ڪِري
خودڪشي
ڪري ڇڏي.

◈



عشق جي آرسي: وفا گولو

## روشني

سچ
تنهنجي
بي لوث
روشني ۾
اسان جي
اوندهه ٻٽيل
جيون ڪي
روشني جو
لباس
پهرائي ناهي سگهي.

◈

## اڏوهي

سماج
جيڪو پيار جو
پرچارڪ هو
تنهن کي
نفرت، حسد، ساڙ
جي اڏوهي لڳي ويئي آهي.

◈





## زندگي

بُک ۽ افلاس
زندگي کي
ڳوڙهي رولي
حيات جي دڳ تي آٽي
پڪو ڪري ڇڏي.

◈

## اڪيون

پرين
منهنجي
دل جون اڪيون
تنهنجي سونهن جي
جام کي اوتي
هر وقت
خمار ۾ رهن ٿيون.

◈





# پنجڪڙا

چنڊ پڇي مون وانگيان تو ڪري آوارگي،
سونهن کي ٿو هرهنڌ هو پنهنجو ڪري،
چڙ ستارن جي هنياءَ تي ٿو مگ ڏري،
عاشقي کي ٿو مڃي هو زندگي ۽ بندگي،
چنڊ پڇي مون وانگيان ٿو ڪري آوارگي.

چنڊ پڇي آ مون جيان عاشق مزاج،
پيار جا سنديس ڏي ٿو پونءِ کي،
روز ڪِرڻن سان چمي ٿو پونءِ کي،
ڪيس روڪي ڪين سگهندو ڪو سماج،
چنڊ پڇي آ مون جيان عاشق مزاج.

◈

چنڊ ٻي ٿو سونهن جي پوڄا ڪري،
سونهن جيڪا سچ جو ٻيو روپ آ،
سونهن ڏاران ٻيو تہ سڀ ٻهروپ آ،
سونهن جي سنجوڳ ۾ پيو ٿو ٻري،
چنڊ ٻي ٿو سونهن جي پوڄا ڪري.

چنڊ تنهنجي سونهن ٿي ٻاسي ٻُسي،
ڪنهن ڏنا ٿي گهاوَ ڇاتي جي مٿان،
چاندني هارين پيو لڙڪن جيان،
ڇا پرين تنهنجو ويو توکان رُسي،
چنڊ تنهنجي سونهن ٿي ٻاسي ٻُسي.

◈





چنڊ هيڏا گهاوَ توکي ڪنهن ڏنا،
داغ هاڻو ٿو لڳي تنهنجو بدن،
پوءِ ٻي تون پيار ۾ آهين مگن،
ايترا سوداءَ توکي ڪنهن ڏنا،
چنڊ هيڏا گهاوَ توکي ڪنهن ڏنا.

چنڊ پنهنجا نيڻ جو ڪولي ڇڏيا،
سونهن ۾ وهنتي سموري ڪائنات،
شاعرن جي ٻي ڪڙي پئي آهي ذات،
۽ "وفا" جا خيال ٻي جرڪي پيا،
چنڊ پنهنجا نيڻ جو ڪولي ڇڏيا.

◈

چنڊ تنهنجي چاندني آهي مدّم،
يا اکين جي روشني ٿي وئي جهڪي،
يا تہ قاتل ڏنڌ ۾ آهيان يڪي،
يا پرين توکي لڳل آهي زخم،
چنڊ تنهنجي چاندني آهي مدّم.

چنڊ ڇئہ هي زنگ توکي ڪيئن لڳو،
سونهن تنهنجي سچ جي ڄڻ ساک هئي،
ٻاٽ اونداهي ۾ روشن ٻاک هئي،
درد جو هي رنگ توکي ڪيئن لڳو،
چنڊ ڇئہ هي زنگ توکي ڪيئن لڳو.

◈





چنڊ مون کان دور تون ڇو ٿو رهين،
آءُ منهنجي جهوپڙي ۾ تون لهي،
ڇو وڃين ٿو ٻرپٽن پاسي ڪَهي،
درد ٿو مون وانگيان ڪيڏا سهين،
چنڊ مون کان دور تو ڇو ٿو رهين.

چنڊ پنهنجا نيڻ جو ٻوٽي ڇڏيا،
روح منهنجو ڏنڌ ۾ ڦاسي پيو،
مان اڪيلو سڀ ستارن ٿي ڇيو،
ڪيترا ٿي درد تحفي ۾ مليا،
چنڊ پنهنجا نيڻ جو ٻوٽي ڇڏيا.

◈

چنڊ سان ڪو فرد ٿو پڪجي وڃي،
جڻ سندس ڪو درد ٿو پڪجي وڃي
هاءِ چهرو هاڻ زرد ٿو ٿيندو وڃي
دل اندر ڪو سر درد ٿو وڌندو وڃي
چنڊ سان ڪو فرد ٿو پڪجي وڃي

چنڊ تنهنجي ذات اُجري ٿي رهي
منهنجي پوءِ ڏات اُجري ٿي رهي
ڪير آهي دلبري جي دل منجهان
پيار جي ٿي بات اُجري ٿي رهي
چنڊ تنهنجي ذات اُجري ٿي رهي



عشق جي آرسي: وفا گولو








## سنڌ سلامت
## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book